SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1974
SINDH ORDINANCE NO.II OF 1974
سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1974
THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعه 42 جي ترميم
Amendment of Section 42 of Sindh Ordinance II of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1974

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1974

THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي 18 فيبروري 1972 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

1972 جي سنڌ

2. سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 جي دفعه

42 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، شرطيہ بيان جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون وڌيڪ شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو، يعني: "بشرطيڪ وڌيڪ اهو تہ ڪائونسل حڪومت جي منظوري سان نيلامي جون آچون گهرائڻ ڪانسواءِ ئي ٺيڪي ۾ داخل ٿي سگهي ٿي."	آرڊيننس II جي دفعہ 42 جي ترميم Amendment of Section 42 of Sindh Ordinance II of 1972
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	